هفتيوار رسالو: 342
WEEKLY BOOKLET: 342

امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ربيع الآخر 1441 هجري مطابق ڊسمبر 2019 تي عالمي مدني مرڪز فيضان مديني ۾ مدني مذاڪري کان پهريان ٿيڻ واري 2 مختلف بيانن جو تحريري گلدستو(مع ترميم ۽ اضافو)

# سِيرتِ شهنشاهِ بغداد

SINDHI




وڄڻ جي وڏي ڳالهه 04
نانا سائين جي ڪرامت 10
غوث اعظم جو اعلان 13
ولايت نبوت کان وڌيڪ ناهي 16



پيشڪش: (دعوتِ اسلامي)
المدينه العلميه
Islamic Research Center

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفکربيروت)

طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **سيرتِ شهنشاهِ بغداد**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

# سيرتِ شهنشاهِ بغداد

ترجمو

ترانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.ne

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# سيرتِ شهنشاهِ بغداد

**دعاءِ عطار:** ياالله پاڪ! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”سيرتِ شهنشاهِ بغداد“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي اسان جي پياري پياري غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي فيوض وبرڪات کان مالا مال فرماءِ ۽ ان جي ماءُ پيءُ سميت بي حساب مغفرت فرماءِ. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جنهن ڏينهن ۽ رات ۾ منهنجي طرف شوق ۽ محبت سان ٽي ٽي ڀيرا درود پاڪ پڙهيو، الله پاڪ تي حق آهي تہ اهو ان جي ان ڏينهن ۽ ان رات جا گناهہ بخشي ڇڏي.

(معجم ڪبير، 362/18،ص384)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قدم غوث اعظم

حضرت ابو سعيد عبدالله محمد بن هِبَةُ الله تميمي شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه چون ٿا: مان جواني ۾ علم حاصل ڪرڻ بغداد ويس، ان زماني ۾ ابنِ سقا (نالي شخص) مدرسي نظاميہ ۾ مون سان گڏ پڙهندو هو، اسان عبادت ۽ صالحين(يعني الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن) جي زيارت ڪندا هئاسين، بغداد ۾ هڪ صاحب ”غوث“ جي نالي سان مشهور هو ۽ ان جي هي ڪرامت مشهور هئي تہ جڏهن چاهن ظاهر ٿين جڏهن چاهن نظرن کان لڪي وڃن. هڪ ڏينهن مان، ابنِ سقا ۽ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جيڪي انهن ڏينهن ۾ جوان هئا،

اُن ”غوث“ جي زيارت جي لاءِ وياسين. رستي ۾ ابن سقا چيو: اَڄ مان ان غوث کان اهڙو مسئلو پڇندس جنهن جو اهي جواب نہ ڏئي سگهندا. (معاذالله) مون چيو: مان بہ هڪ مسئلو پڇندس، ڏسان ڪهڙو ٿا جواب ڏين، حضرت شيخ عبدالقادر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: معاذالله مان انهن جي سامهون انهن کان ڪجهہ ڪيئن ٿو پڇي سگهان، مان تہ انهن جي ديدار جي برڪتن جو نظارو ڪندس. جڏهن اسان ان غوث وٽ حاضر ٿياسين تہ ان کي پنهنجي جڳهہ تي نہ ڏٺو، ڪجهہ دير کان بعد ڏٺوسون تہ هو ويٺا هئا، ابنِ سقا جي طرف غضب واري نگاهہ وڌي ۽ فرمايائون: **تنهنجي خرابي اي ابنِ سقا! تون مون کان اهو مسئلو پڇندين جنهن جو مون کي جواب نہ اچي، تنهنجو مسئلو هي آهي ۽ ان جو جواب هي آهي. بيشڪ مان ڪفر جي باهہ تو ۾ ڀڙڪندي ڏسي رهيو آهيان.**“ پوءِ منهنجي طرف نظر ڪئي ۽ فرمايو: اي عبدالله! تون مون کان مسئلو پڇندي تہ مان ڪهڙو جواب ڏيان ٿو، تنهنجو مسئلو هي آهي ۽ ان جو جواب هي آهي، ضرور توتي دنيا ايتري غلاظت ڪندي جو تون ڪن جي پاپڙي تائين ان ۾ غرق ٿي ويندي، هي تنهنجي بي ادبي جو بدلو آهي. پوءِ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي طرف نظر ڪئي، کين پنهنجي قريب ڪيائين ۽ سندن عزت ڪندي فرمايو: ”**اي عبدالقادر! بيشڪ اوهان پنهنجي حُسنِ اَدب سان الله پاڪ ۽ رسول کي راضي ڪيو، ڄڻ تہ مان هن وقت ڏسي رهيو آهيان تہ اوهان بغداد جي مجمعي ۾ فرمائي رهيا آهيو تہ منهنجو پير هر وليُّ الله جي گردن تي ۽ تمام اولياءِ وقت اوهان جي تعظيم جي لاءِ ڪنڌ جهڪايا آهن**“. اهو غوث هي فرمائي ڪري اسان جي نگاهن کان غائب ٿي ويو پوءِ اسان ان کي نہ ڏٺو. شيخ عبدالقادر رَحْمَةُاللهِعَلَيْه تي الله پاڪ جي قربت جون علامتون ظاهر

ٿيون، باقي ابن سقا هڪ غير مسلم بادشاه جي ڌيءَ تي عاشق ٿي پيو، ان کي نڪاح جو چيائين، ان چيو: غير مسلم ٿي وڃ، اُن بدبخت اُن جو مذهب قبول ڪري ورتو، والعِياذُبالله. (عبدالله چون ٿا:) باقي رهيس مان، آءُ دمشق ويس، اُتي سلطان نورالدّين شهيد مون کي اوقاف جو آفيسر بڻجڻ تي مجبور ڪيو ۽ دنيا ڪثرت سان مون وٽ آئي. **"اُن غوث جو ارشاد اسان ٽنهي جي باري ۾ جيڪو هيو سُو پورو ٿيو."** (بہجۃالاسرار، ص 19)

## الله پاڪ جي ولي جي بي ادبي کان بچو

فتاويٰ حديثيه ۾ آهي: اُن غير مسلم بادشاه اِبنِ سقا کي مُرتد ٿيڻ تي پنهنجي ڌيءَ نه ڏئي ڇڏي پر جڏهن ابن سقا بيمار ٿيو ته اُن کي بازار ۾ اُڇلرائي ڇڏيائين، پنندو وتندو هو ۽ ڪوبہ کجھ نہ ڏيندو هو، هڪ شخص جيڪو ان کي سڃاڻيندو هو، ڪين پرسان لنگهيو ۽ پڇيو تون ته حافظِ قرآن هئين هاڻي بہ قرآن مان ڪجھ ياد اٿئي! چيائين سڀئي وسري ويو صرف هڪ آيت ياد رهجي وئي آهي.

رُبَمَا يَوَدُّ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا لَوۡ كَانُوۡا مُسۡلِمِيۡنَ ۝۲

ترجمو ڪنزالعرفان: ڪافر گهڻيون خواهشون ڪندا ته ڪاش اهي مسلمان هجن ها. (پ 14، الحجر:2)

امام ابنِ ابي عَصرون فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مان اِبن سقا کي ڏسڻ ويس، ان کي اهڙي حالت ۾ ڏٺو ته ڄڻ ان جو سڄو جسم باھ کان سڙيل آهي، اُن تي موت طاري هو. مون ان کي قبلي جي طرف ڪيو ته اهو ٻي طرف مڙي ويو، مون وري قبلي جي طرف ڪيو اهو وري ڦري ويو. مان جيترا ڀيرا ان کي قبلي جي طرف ڪيان پيو اهو ڦري وڃي پيو

ايستائين جو قبلي جي طرف منهن ڪرڻ بغير ان جو ساهه نڪري ويو، **”هو اُن غوث جو ارشاد ياد ڪندو هو ۽ معلوم هيس ته انهيءَ گستاخي هن مصيبت ۾ مبتلا ڪيو.“** وَالعِياذُبالله.

علامه ابنِ حَجَر هَيتَمي ۽ امام يافعي رَحمَةُ اللهِ عَلَيهِما فرمائن ٿا: هي واقعو برابر خبرن مان ثابت آهي ۽ ان جي نقل ڪرڻ وارا ڪوڙ سارا ثقه عادل آهن. (فتاوی حديثيہ ، ص415- مرآة الجنان، 3/268)

صَـلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دڄڻ جي وڏي ڳالھ

علامه ابن حَجَر هَيتَمي مڪّي شافعي رَحمَةُاللهِعَلَيه فرمائن ٿا: هن واقعي مان اولياءِ ڪرام جي انڪار ڪرڻ سبب سخت ڇڙٻڻ مقصود آهي هن خوف سان جو مُنڪِر(يعني اولياءِ ڪرام ڪي يا انهن جي ڪرامتن ۽ اختيارن ڪي نه مڃڻ وارو) هن هلاڪ ڪرڻ واري فتني ۾ پئجي ويندو جيڪو هميشه هميشه جي لاءِ آهي، جنهن کان بدترين ڪا خباثت ناهي جنهن ۾ ابنِ سقا پيو، الله پاڪ جي پناهه. اسان الله ڪريم کان سندس ڪرم ۽ ان جي رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وسيلي سان دعا گھرون ٿا ته اسان کي پنهنجي احسان ۽ ڪرم سان هن کان ۽ هر فتني ۽ محنت(آزمائش، رنج) کان اَمان بخشي پڻ هن واقعي ۾ هن ڳالھ جي تمام گھڻي ترغيب آهي ته اولياءِ ڪرام سان عقيدت ۽ اَدب رکو ۽ جيستائين ٿي سگھي اُنهن تي نيڪ گمان ڪيو. (فتاويٰ حديثيه، ص 415)

سيّدي اعليٰ حضرت رَحمَةُاللهِعَلَيه لکن ٿا: الله پنهنجي محبوبن جو حُسنِ اَدب نصيب ڪري ۽ انهن جي محبت تي خاتمو فرمائي ۽ انهن جي جماعت

۾ اتاري، آمين! آمين. (فتاوي رضويه، جلد 8 ص 401)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ غوث اعظم! الله پاڪ جو اسان تي وڏو ڪرم آهي جو ان اسان کي پنهنجي مقبول ٻانهن ۽ اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي عزت ۽ تعظيم ڪرڻ، انهن جو عرس ملهائڻ، مبارڪ مزارن تي حاضري ڏيڻ ۽ انهن جي سيرت وشان بيان ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي آهي. اولياءِ ڪرام ۽ بُزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ عَلَيْهِم الله پاڪ جا پسنديده ٻانها هوندا آهن، هنن جي سڄي زندگي الله پاڪ ۽ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ياد ۾ گذرندي آهي، اسان کي به انهيءَ طرح شريعت جي مطابق زندگي گذارڻ گهرجي. الله پاڪ پنهنجي اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم تي پنهنجي رحمتن جون بارشون فرمائيندو رهندو آهي.

اولياءِ ڪرام جي شان و عظمت جي لاءِ هڪ قرآني آيت پيش ڪيان ٿو، جيئن ته سيپاري 11 سورت يونس آيت نمبر 62 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

اَلَاۤ اِنَّ اَوْلِيَآءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿ۚ۶۲﴾

ترجموڪنزالعرفان: ٻڌو بيشڪ الله جي ولين تي نه ڪجھ خوف هوندو ۽ نه اهي غمگين ٿيندا.

## دنياءِ آخرت جي خوف کان بَري

هن آيت جي تفسير ۾ حضرت عبدالله بن عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: ”اولياءِ ڪرام(رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم) تي دنيا ۾ ڪو خوف ناهي نه وري اهي آخرت ۾ غمگين ٿيندا بلڪ الله ڪريم خوشي ۽ عزت ۽ تڪريم سان انهن جو استقبال فرمائيندو ۽ انهن کي هميشه رهڻ واريون نعمتون

عطا فرمائيندو.“ (حڪايتين اور نصيحتين، ص 361)

مفتي احمديارخان نعيمي رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه هڪ آيتِ ڪريمہ جي تفسير ۾ فرمائن ٿا: ربّ ڪريم کي يارهين وڏي پسند آهي چوته اولياء الله جو ذڪر يارهين سيپاري جي يارهين رڪوع ۾ فرمايو آهي. يعني هي آيت جيڪا هاڻي بيان ڪئي وئي هيءَ يارهين سيپاري جي يارهين رڪوع ۾ آهي.

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مختصر تعارف

اي عاشقانِ غوث اعظم! اسان جا پيارا پيارا مرشد سيّدي حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه نهايت وڏا وليُّ الله بلڪ ولين جا بہ سردار هئا. سندن مبارڪ نالو ”عبدالقادر“ ڪنيت ”ابومحمد“ ۽ القاب ”محيُّ الدّين، محبوبِ سبحاني، غوث الثّقلين، غوثُ الاعظم“ وغيره آهن، پاڻ رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه 470 ھ ۾ بغداد شريف جي ويجهو ڳوٺ جيلان ۾ رمضان المبارڪ جي پهرين تاريخ تي پيدا ٿيا. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه والدِ محترم جي طرفان نواسہءِ رسول، جگر گوشہ بتول، سيّدُالاَسخِيا، راڪبِ دوشِ مصطفيٰ، امام حسنِ مجتبيٰ رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جا يارهان پوٽا آهن. (بهجة الاسرار، ص 171، ماخوذاً) حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه والدهءِ محترمہ جي طرفان امام عالي مقام، سيّدُالشُهداء امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جا يارهان ڏوهٽا آهن. جيئن تہ علاّمہ علي قاري رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه سندن والده ماجده جي طرفان سندن نسب شريف بيان ڪيو آهي. (نزہۃ الخاطر الفاتر، ص 12) ماشاءَاللّٰه الڪريم هن معاملي ۾ بہ يارهين، يارهين جي نسبت آهي.

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

منهنجا مرشد، منهنجا پير، پيرن جا پير، پير دستگير، روشن ضمير، غوثُ الصَّمداني، قطبِ رباني، محبوبِ سبحاني، قنديلِ نوراني، شيخ ابومحمد عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه رمضان شريف جي پهرين تاريخ تي سومر جي ڏينهن صبح صادق جي وقت دنيا ۾ تشريف کڻي آيا، اُن وقت منهنجي پيرومرشد، پيرن جي پير شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جا چپ مبارڪ چري رهيا هئا ۽ "الله، الله" جي آواز اچي رهي هئي. (الحقائق فی الحدائق، 1/ 139)

غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي ولادت شريف جي معاملي ۾ ٻه ٻارهين واري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان مناسبت آهي جو پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻه سومر شريف جي ڏينهن صبح صادق جي وقت پيدا ٿيا.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## يارهن سو يار

منهنجا مرشد غوث پاڪ شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جنهن ڏينهن پيدا ٿيا اُن ڏينهن جيلان شريف ۾ يارهن سو ٻار پيدا ٿيا هئا اهي سيئي ڇوڪرا پيدا ٿيا هئا ۽ سيئي وليُّ الله بڻيا. (تفريح الخاطر، ص 15)

شرح ڪلامِ رضا: يعني اي غوث پاڪ! اوهان جي مٿي مبارڪ جي عظمت ڪي ڪير تو سمجهي سگهي، اوهان جي پيرن جون ترِيون جيڪي زمين تي لڳنديون آهن، اوهان جي ترين جي اها شان آهي جو اولياءِ ڪرام سندن مبارڪ ترين سان پنهنجون اکيون مَليندا آهن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن منهنجا مرشد ڪريم، حضور غوث پاڪ شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ننڍپڻ ۾ ڪيڏڻ جو ارادو فرمائيندا هئا، ته

غيب مان آواز ايندو هو: اي عبدالقادر! اسان توکي کيڏڻ جي لاءِ پيدا ناهي ڪيو. (الحقائق فی الحدائق ، ص140) جڏهن پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه مدرسي ويندا هئا تہ آواز ايندو هو:”الله جي وَلي کي جڳهہ ڏيو“ (بہجۃ الاسرار ، ص 48 ملخصاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه کي غوث ڇو چيو وڃي ٿو؟

اي عاشقانِ غوث اعظم! لفظِ ”غوث“ جي معنيٰ آهي: فرياد تي پهچڻ وارو ڇوتہ حضور غوث پاڪ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه الله پاڪ جي عطا سان، الله پاڪ جي ڏنل طاقت سان غريبن، بي سهارن ۽ ضرورتمندن جا مددگار آهن انهيءَ ڪري پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه کي ”غوث اعظم“ چيو ويندو آهي. ڪين ”پيرانِ پير دستگير“ جي لقب ڪان بہ ياد ڪيو ويندو آهي. (غوثِ پاک کے حالات، ص 15 ملخصاً)

## غوث پاڪ جو خاندان

اي عاشقانِ غوث اعظم! اسان جي پياري پياري پيرو مرشد سرڪارِ بغداد، حضور غوث پاڪ شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي والدِ محترم جو نالو”ابوصالح موسيٰ جنگي دوست“ هو ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي والده محترمہ جو نالو مبارڪ ”اُمّ الخير فاطمہ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْها“هو. سرڪار بغداد حضور غوث پاڪ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جا والدِ محترم جيلان شريف جي وڏن بزرگن مان هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو لقب”جنگي دوست“ انهيءَ ڪري پيو جو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه خالصتاً الله پاڪ جي رضا جي لاءِ دنياوي خواهشن ڪان پري رهڻ سان گڏوگڏ شرعي ۽ ديني معاملن ۾ خوب محنت و مشقت ڪرڻ ۾ پنهنجي زماني ۾ بي مثال هئا، نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ گناهن ڪان بچائڻ ۾ مشهور هئا ۽ هن معاملي ۾ پنهنجي جان جي بہ پرواهہ نہ ڪندا هئا، جيئن تہ

## شراب جا مَٽ ٽوڙي ڇڏيائون

هڪ ڀيرو پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جامع مسجد وڃي رهيا هئا ته خليفهءِ وقت جا ڪجهه ملازم شراب جا مَٽ نهايت احتياط سان مٿي تي کڻي وڃي رهيا هئا، پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جڏهن انهن جي طرف ڏٺو ته جلال ۾ اچي ويا ۽ انهن مَٽن کي ٽوڙي ڇڏيو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي رعب ۽ بُزرگي جي سامهون ڪنهن ملازم کي ڳالهائڻ جي جرئت نه ٿي، انهن خليفهءِ وقت کي سڄو ماجرو ٻڌايو ته خليفي چيو: "سيّد موسي(رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه) کي هڪدم منهنجي درٻار ۾ پيش ڪيو" حضرت سيّد موسيٰ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه يعني غوث پاڪ جي والد محترم درٻار ۾ تشريف وٺي آيا، خليفو ان وقت سخت ڪاوڙ ۾ ڪرسي تي ويٺو هو، ان ڪاوڙ ۾ چيو: "تون ڪير ٿيندو آهين منهنجي ملازمن جي محنت کي ضايع ڪرڻ وارو؟" حضرت سيّد موسيٰ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمايو: "مان مُحتَسِب (يعني حساب وٺڻ وارو) آهيان ۽ مون پنهنجو منصبي فرض ادا ڪيو آهي." خليفي چيو: توکي ڪنهن جي حڪم تي مُحتَسِب مقرر ڪيو ويو آهي؟" حضرت سيّد موسيٰ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه رعبدار لهجي ۾ جواب ارشاد فرمايو: "جنهن جي حڪم سان تون حڪومت ڪري رهيو آهين." پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جيئن ئي هي جملا چيا ته خليفي تي هڪدم رقت طاري ٿي وئي، هُو گوڏن تي مٿو رکي ڪري ويهي رهيو ۽ ٿوري دير کان پوءِ مٿو کڻي نرم لهجي ۾ عرض ڪيائين: يا سيّدي(اي منهنجا آقا)! اَمْرٌبِالْمَعْرُوف ۽ نَهْيٌ عَنِ الْمُنْكَر (نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ) کان علاوه مَٽن کي ٽوڙڻ ۾ ڪهڙي حڪمت آهي؟ ارشاد فرمايائون: تنهنجي حال تي شفقت ڪندي ۽ توکي دنيا ۽ آخرت جي رسوائي ۽ ذلّت کان بچائڻ خاطر." خليفي تي سندن هن حڪمت ڀري گفتگو جو ڏاڍو اثر ٿيو ۽ متاثر ٿي ڪري سندن خدمت ۾

عرض ڪيائين: ”سائين! اوهان منهنجي طرفان به مُحتَسِب مقرر آهيو.“ والدِ غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي توڪلاٽي انداز ۾ ارشاد فرمايو: ”الله پاڪ جي طرفان جڏهن مقرر آهيان ته پوءِ مون کي مخلوق جي طرفان مقرر ٿيڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي.“ انهيءَ ڏينهن کان پاڻ ”جنگي دوست“ جي لقب سان مشهور ٿي ويا. (سيرت غوث الجقلين، ص 53)

## حضور غوث پاڪ جا نانا

حضُورِ غوث پاڪ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جا نانا سائين حضرت عبدالله صَومَعي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جيلان شريف جي اولياءِ ڪرام مان هئا. پاڻ نهايت ئي پرهيزگار هجڻ کان علاوه صاحبِ فضل و ڪمال ۽ تمام وڏا عالم به هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مُستَجابُ الدّعوات هئا(يعني سندن دعائون قبول ٿينديون هيون). (بہجة الاسرار، ص 172۔171)

## ناني سائين جي ڪرامت

بهجة الاسرار شريف ۾ آهي: حضرت عبدُالله قَزوِيني رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اسان جا ڪجهه ڄاڻن وارا هڪ قافلي سان سَمَرقند جي طرف وڃي رهيا هئا جڏهن رڻپٽ ۾ پهتا ته ڌاڙيلن حملو ڪري ڇڏيو انهن هن مشڪل وقت ۾ شيخ عبدالله صَومَعي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه کي پڪاريو ته غوث پاڪ جا نانا سائين حضرت عبدالله صومَعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اوچتو اُتي تشريف کڻي آيا ۽ ”سُبُّوحٌ قُدُّوسٌ رَبُّنَا الله“ پڙهيو ته ڌاڙيل جبل تي چڙهي ويا ۽ ڪجهه جنگل جي طرف ڀڄي ويا. (بہجة الاسرار، ص 172ملخصاً)

## ڀڳي سائڻ جي ڪرامت

حضورِغوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڀڳي جان جي ڪنيت ”اُمِّ محمد“ ۽ مبارڪ نالو ”عائشه بنت عبدالله“ هو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا نيڪ ۽ باڪرامت

خاتون هيون. ماڻهو پنهنجين مصيبتن ۾ دعائون ڪرائڻ جي لاءِ سندن خدمت ۾ حاضر ٿيندا هئا.

هڪ دفعي جيلان ۾ بارشون نہ ٿيڻ جي سبب ڏڪار ٿي پيو، ماڻهن نمازِ اِستِسقاء (يعني بارش جي لاءِ پڙهي ويندڙ نماز) ادا ڪئي، پر برسات نہ ٿي تہ ماڻهو حضور غوثِ پاڪ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي پُڦي جان حضرت سَيدَه عائشہ بنتِ عبدالله رَحمَةُ اللهِ عَلَيهَا جي گهر آيا ۽ سندن برسات جي لاءِ دعا جي درخواست ڪئي، هو پنهنجي گهر جي صحن ڏانهن آيون ۽ زمين تي ٻهارو ڏئي دعا گهري: ”اي رَبّ ڪريم! مون ٻهارو ڏئي چڏيو آهي ۽ هاڻي تون ڇڙڪاءُ فرماء.“ ٿوري ئي دير ۾ آسمان تان ايتري برسات ٿي. ماڻهو پنهنجي گهرن ڏانهن اهڙي حال ۾ موٽيا جو سيئي پاڻي سان پُسيل هئا ۽ جيلان شهر خوشحال ٿي ويو. (بهجة الاسرار، ص: 173)

## اولاد مبارڪ

پاڻ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه پنهنجي مبارڪ اولاد جي ظاهري باطني تعليم ۽ تربيت تي توجهه فرمائي، انهيءَ ڪري هنن مان اڪثر علم ۽ فضل جي آسمان تي آفتاب بڻجي ڪري چمڪيا. پاڻ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جي ڪجھ صاحبزادن جا نالا هي آهن: سيّد عبدالوهّاب، سيّد عبدالرّزاق، سيّد عبدالعزيز، سيّد محمد يحيٰ، سيّد محمد عبدالله، سيّد عبدالجبّار، سيّد محمد موسيٰ، سيّد محمد عيسيٰ، سيّد محمد ابراهيم، سيّد محمد رَحمَةُ اللهِ عَلَيهِم.

زبدۃُ الآثار ۾ آهي: پاڻ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جي اولاد پاڪ مان ماڻهن ڪي ڪيتري قدر علمي فيض حاصل ٿيو ۽ ڪيتري قدر زماني جي وڏن وڏن عالمن انهن کان سکيو، اهڙي قسم جا علمي ڪمالات ۽ روحاني فيض ڪنهن ٻي بزرگ جي اولاد ۾ نظر نہ آيا. (زُبدة الآثار، ص: 41)

## غوث اعظم جو ياءُ

حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو هڪ ياءُ بہ هيو جنهن جو نالو سيّد ابو احمد عبدالله هو. هي حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کان ننڍو هو ۽ سندن کي علم ۽ تقويٰ مان ڪافي حصو مليو هو پر پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جواني ئي ۾ وصال ڪري ويو. (مرآۃ الجنان، ص: 265 ملخصاً) حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو خاندان نيڪين وارو گهراڻو هو، سندن نانو سائين، ڏاڏو، والد محترم، والده محترمہ، پڦي سائڻ، ياءُ ۽ صاحبزادا سيئي متقي پرهيزگار هئا، انهيءَ ڪري ماڻهو سندن خاندان کي ”اشراف جو خاندان“ چوندا هئا.

## سلطنت جي قيمت جَو جي برابر بہ ناهي

شهنشاهِ بغداد حضور غوثِ پاڪ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ شاهِ سنجر واليءِ نِيم روز (نيم روزملڪ جي بادشاهہ) خط موڪليو تہ مان ملڪ جو ڪجهہ علائقو توهان کي بطور جاگير ڏيڻ چاهيان ٿو تہ جيئن توهان بہ مون وانگر عيش و آرام جي زندگي گذاريو، منهنجي پياري پياري پير و مرشد حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ان جي جواب ۾ (فارسي ۾) چار شعر لکي موڪليا: (جن جو ترجمو ڪجهہ هن ريت آهي)

جيڪڏهن منهنجي دل ۾ ملڪِ سَنۡجَرَ جي ٿوري بہ هوس هجي تہ سَنۡجَرَ جي بادشاهہ جي ڪاري رنگ جي تاج وانگر منهنجو نصيب بہ ڪارو ٿي وڃي انڪري جو جڏهن مون کي دولتِ نيم شبّ (رات جو جاڳڻ ۽ يادِ حق) جي سَلطنت حاصل آهي، سلطنتِ نِيَمروز جي قيمت منهنجي نظر ۾ ”جَوَ“ جي داڻي جي برابر بہ ناهي. (اخبار الاخيار، ص۔ 204، ملخصاً)

ان کا منگتا پاؤں سے ٹھکرا دے وہ دنیا کا تاج
جس کی خاطر مر گئے منعم رگڑ کر ایڑیاں

سيّدي مرشدي غوث اعظم دستگير، حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان ڪنهن پڇيو: ”اوهان پنهنجي پاڻ کي ولي ڪڏهن کان ڄاتو؟“ ارشاد فرمايائون تہ ”منهنجي عمر ڏهہ سال جي هئي، مان پنهنجي گهر کان مَڪْتب (يعني مدرسي) ۾ پڙهڻ ويندو هيس تہ ملائڪن کي ڏسندو هيس، جيڪي چوڪرن کي چئي رهيا هوندا هئا تہ ”الله پاڪ جي ولين جي ويهڻ جي لاءِ جڳهہ ڪشاده ڪيو.“ (بهجة الاسرار، ص: 48)

## غوثِ اعظم جو اعلان

حافظ ابوالعِز عبدُالمُغيث بن اَبو حَرْب بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اسان بغداد ۾ غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي اجتماع ”رباط حلبہ“ ۾ حاضر هئاسين ان وقت عراق جا اڪثر مشائخ بہ موجود هئا ۽ حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان فرمائي رهيا هئا تہ انهيءَ وقت پاڻ فرمايائون: ”قَدَمِيْ هٰذِهٖ عَلٰى رَقَبَةِ كُلِّ وَلِيِّ الله **يعني منهنجو هي قدم الله جي هر ولي جي گردن تي آهي.**“ هي ٻڌي ڪري حضرت سيّدنا شيخ علي بن هَيتي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اٿيا ۽ منبر شريف وٽ وڃي غوث پاڪ جو قدم مبارڪ پنهنجي گردن تي رکي ڇڏيو. ان کان پوءِ تمام حاضرين اڳتي وڌي ڪري پنهنجا ڪنڌ جهڪائي ڇڏيا. (بهجة الاسرار، ص: 21، 22 ملخصاً)

## عبدالقادر سچ چيو

امام اَبُو الحسن علي شَطَنُوفي شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: شيخ خليفہءِ اڪبر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حضور پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪثرت سان ديدار ڪندا هئا. انهن فرمايو: خدا جو قسم! بيشڪ مون رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي(خواب ۾) ڏسي عرض ڪيو: يارسول الله (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)! شيخ عبدالقادر فرمايو آهي تہ منهنجو قدم هر وليُ الله جي گردن تي آهي. الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي

مدني محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”**عبدالقادر سچ چيو ۽ چوڻ هجي جو اهي ئي قطب آهن ۽ مان سندن نگهبان آهيان.**“ (بهجۃ الاسرار، ص27)

سيّدي اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بارگاهِ غوثيت ۾ انتهائي عاجزي جو اظهار ڪندي لکن ٿا: ڪلبِ بابِ عالي(يعني اُن مبارڪ گهر جو ڪتو يعني وفادار غلام) عرض ڪري ٿو، اَلحَمْدُلله! الله اسان جي آقا ڪي ھي چوڻ جو حڪم ڏنو، چوندي وقت سندن مبارڪ دل تي تجلي فرمائي، نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خِلْعَت(يعني قيمتي پوشاڪ) موڪلي، تمام ولي جمع ڪيا ويا، سيني جي سامهون پارائي وئي. ملائڪ جمع ٿيا، رِجالُ الغَيْب(هي به اولياءِ ڪرام جي هڪ قسم آهي) سلامي ڏني. تمام جهانن جي ولين گردن جهڪايا، هاڻي جيڪو چاهي(ان ڪان) راضي ٿي، جيڪو چاهي ناراض ٿي. (فتاویٰ رضويه، 385/28 ملخصاً)

## مٿي تي ئي نہ بلڪ اکين تي

چشتي سلسلي جي عظيم پيشوا خواجه غريب نواز معينُ الدّين چشتي اجميري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي جواني جي ڏينهن ۾ ملڪ خراسان جي جبل جي غار ۾ عبادت ڪندا هئا، حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جڏهن بغداد شريف ۾ هي فرمايو: ” قَدَمِیْ هٰذِهٖ عَلٰی رَقَبَةِ کُلِّ وَلِیِّ الله **يعني منهنجو هي قدم الله جي هر ولي جي گردن تي آهي.**“ تہ اُن وقت خواجه غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه (اُتي ئي ويني ويني هي ٻڌي ڪري) پنهنجو مٿو جهڪائي ورتو ۽ فرمايائون: ”بَلْ عَلٰی رَاسِیْ **يعني بلڪ منهنجي مٿي تي به.** (سيرت غوث الثقلين، ص: 89)

## پنهنجي طرفان ناهي فرمايو

امام ابن حَجَر مڪّي شافعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فتاويٰ حديثيہ ۾ فرمائن ٿا: ڪڏهن اولياءَ ڪي وڏيون وڏيون ڳالهيون چوڻ جو حڪم ڏنو ويندو آهي تہ جيڪي انهن جي بلند مقام کان ناواقف آهن انهن کي خبر پئي يا شڪرِالٰهي ۽ ان جي نعمت جو اظهار ڪرڻ جي لاءِ جيئن تہ حضور غوث اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي لاءِ ٿيو تہ انهن پنهنجي بيان ۾ اوچتو فرمايو تہ منهنجو هي پير هر وليُّ الله جي گردن تي آهي، هڪدم تمام دنيا جي ولين قبول ڪيو ۽ هڪ جماعت روايت ڪئي آهي تہ سيني جنّات ولين بہ مٿا جهڪائي ڇڏيا. (فتاوىٰ حديثيه، ص: 414)

ڪوڙ عارفن سڳورن(الله پاڪ جي سچاٽپ رکڻ وارن بزرگن) فرمايو آهي تہ حضور شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه "قَدَمِيۡ هٰذِهٖ عَلٰى رَقَبَةِ كُلِّ وَلِيِّ الله" پنهنجي طرفان نہ فرمايو بلڪ الله پاڪ ان جي قُطۡبِيَّتِ ڪُبۡرِيٰ ظاهر فرمائڻ جي لاءِ انهن کي فرمائڻ جو حڪم ڏنو. تنهنڪري ڪنهن ولي انڪار نہ ڪيو تہ گردن نہ جهڪائي بلڪ ڪيئي روايتن ۾ آهي تہ ڪوڙ اولياءِ ڪرام حضُور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي ولادت مبارڪ کان تقريباً سؤ سال پهريان خبر ڏني هئي تہ عنقريب عجم ۾ هڪ صاحب پيدا ٿيندو ۽ هي فرمائيندو تہ"**منهنجو هي قدم الله جي هر ولي جي گردن تي آهي**" تہ ان وقت جا تمام اولياءِ ڪرام ان جي قدم جي هيٺان مٿو رکندا ۽ اُن قدم جي سايي ۾ داخل ٿيندا. (فتاوىٰ حديثيه، ص: 414)

## ولايت نُبوّت کان وڌيڪ ناهي

غوث پاڪ رَحْمَةُ اللہِ عَلَیْه فرمائن ٿا تہ هر ولي ڪنهن نہ ڪنهن جي قدم تي هوندو آهي ۽ مان پنهنجي نانا يعني نبي اڪرم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قدم تي آهيان پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جتان قدم ڪنيو مون پنهنجو قدم رکيو پر مان نُبُوت جي قدم جي جڳهہ قدم نٿو رکي سگهان. ڇوتہ هي مقام انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي لاءِ خاص آهي. (بهجة الاسرار، ص: 51)

قصيده غوثيہ ۾ حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللہِ عَلَیْه فرمائن ٿا:

ترجمو: هر ولي منهنجي قدم تي آهي ۽ مان رسول الله صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نقش قدم تي آهيان جيڪي آسمان جي چوڏهين جا چنڊ آهن.

## مٿي تي جنهن ڪي پائيندا آهن تاج وارا

حضرت سيّد احمد ڪبير رِفاعي رَحْمَةُ اللہِ عَلَیْه چيو منهنجي گردن تي ۽ چيو هي ننڍو احمد بہ انهن مان آهي جن جي گردن تي غوث پاڪ رَحْمَةُ اللہِ عَلَیْه جو پير آهي، ايئن چوڻ ۾ گردن جهڪائڻ جو سبب پڇيو ويو تہ فرمايائون تہ هن وقت حضرت شيخ عبدالقادر رَحْمَةُ اللہِ عَلَیْه بغداد شريف ۾ ارشاد فرمايو تہ”**منهنجو هي قدم الله جي هر ولي جي گردن تي آهي**“ تنهنڪري مون بہ مٿو جهڪايو ۽ عرض ڪيو تہ هي ننڍو احمد بہ انهن مان آهي، (سهروردیہ سلسلي جي پيران پير شيخ عبدالقاهر ابوالنَّجيب سهروردي رَحْمَةُ اللہِ عَلَیْه پنهنجو مٿو جهڪايو ۽ چيو: (گردن ئي چو) منهنجي مٿي تي بہ منهنجي مٿي تي بہ. سيّد اَبو مدّيَن

شعيب مغربي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه متو جهڪائي چيو مان بہ انهن مان آهيان، الٰهي! مان توکي ۽ تنهنجي ملائڪن کي گواهہ بڻايان ٿو تہ مون ”قَدَمِيْ“ جو ارشاد ٻڌو ۽ حڪم مڃيو. شيخ عبدُالرحيم قناوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي گردن مبارڪ جهڪائي چيو سچ فرمايو سچي مڃيل سچي. (فتاوىٰ حديثيه، ص: 414)

شيخ حمّاد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جيڪي حضور غوث اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مشائخ مان آهن، هڪ ڏينهن انهن غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي غير موجودگي ۾ فرمايو، ”هن جوان سيّد جو قدم تمام ولين جي گردن تي هوندو انهن کي الله پاڪ حڪم ڏيندو تہ فرمايو **منهنجو هي قدم الله جي هر ولي جي گردن تي آهي**“ ۽ سندن زماني ۾ تمام اولياءَ الله ان جي لاءِ متو جهڪائيندا ۽ انهن جي(عظيم) مرتبي جي ظاهر هجڻ جي سبب ان جي تعظيم ڪندا. (نزهة الخاطر الفاتر، ص: 24)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هفتہ وار رسالو مطالعو

شيخ طريقت امير اهلسنت، حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہ / خليفہ امير اهلسنت الحاج ابو اُسَيد عُبيد رضا مدني مَدَّ ظِلُّهُ العالي جي طرفان هر هفتي هڪ رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏني ويندي آهي. ماشآءالله الڪريم! لکين اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هي رسالو پڙهي يا ٻڌي ڪري اميراهلِ سنت/ خليفہ امير اهلسنت جي دعائن مان حصو مائيندا آهن. هي رسالو آڊيو ۾ دعوت اسلامي جي

ويب سائٽ www.dawateislami.net يا

read and listen Islamic book تان فري ۾ ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو. ثواب جي نيت سان پاڻ بہ پڙهو ۽ پنهنجي مرحومين جي ايصالِ ثواب جي لاءِ تقسيم ڪيو.

(شعبو هفتہ وار رسالو مطالعو)


978-969-722-614-6

01082468



فيضانِ مدينہ محلہ سوداگران، پراني سبزي منڈی کراچی

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net